# سنڌ آرڊيننس نمبر XX مجريہ 1972
# SINDH ORDINANCE NO.XX OF 1972
# فاريسٽ(سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972
# THE FOREST (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعہ 67 جي ترميم

Amendment of Section 67 of Act XVI of 1927

3. 1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعہ 68 جي ترميم

Amendment of Section 68 of Act XVI of 1927

4. 1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعہ 71 جي ترميم

Amendment of Section 71 of Act XVI of 1927

5. 1927 جي ايڪٽ XVI ۾ دفعہ 79_A جو اضافو

Addition of section 79_A to Act XVI of 1927

6. پوليس جي مدد جي درخواست

Requisition of police assistance

# سنڌ آرڊيننس نمبر XX مجريہ 1972
# SINDH ORDINANCE NO.XX OF 1972
# فاريسٽ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972
# THE FOREST (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

[30 آڪٽوبر 1972]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ فاريسٽ ايڪٽ، 1927 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

| | |
|---|---|
| تمهيد (Preamble) | جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ فاريسٽ ايڪٽ، 1927 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛ ۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛ هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛ |
| مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement | 1. (1) هن آرڊيننس کي فاريسٽ (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. |
| 1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعہ 67 جي ترميم | 2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، فاريسٽ ايڪٽ، 1927 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاڙايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 67 ۾، لفظن "ماجسٽريٽ آف دي فرسٽ ڪلاس" لاءِ لفظ |

"اسپيشل ايگزيڪيوٽو ميجسٽريٽ" متبادل ٿيندا.

Amendment of Section 67 of Act XVI of 1927

1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعہ 68 جي ترميم
Amendment of Section 68 of Act XVI of 1927

3.جاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 68 ۾، ذيلي دفعہ (3) لاءِ هيٺيون نئون ذيلي دفعہ شامل ڪيو ويندو:

"(3) هڪ فاريسٽ آفيسر هن دفعہ تحت تيستائين بااختيار نہ بڻايو ويندو جيستائين اهو عهدي مين هڪ رينجر کان گهٽ نہ هجي ۽ ذيلي دفعہ (1) جي شق (a) تحت قبول ڪيل معاضي جي قيمت ڪنهن بہ صورت ۾ پنج سئو رپين کان وڌيڪ نہ هجي.".

1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعہ 71 جي ترميم
Amendment of Section 71 of Act XVI of 1927

4.جاڙايل ايڪٽ ۾، پالتو جانورن لاءِ ۽ دفعہ 71 ۾ جاڙايل ڏنڊ جي رقم هيٺين ريت تبديل ڪئي ويندي، يعني:

| | |
|---|---|
| "هر هاٿي لاءِ | پنجاهہ رپيا |
| هر اٺ لاءِ | چاليهہ رپيا |
| هر مينهن لاءِ | پنجويهہ رپيا |
| هر خصي جانور، ڍڳو، وڇيري، وهڙي، خچر، ڍڳي، خصي ڍڳي، ڳئون يا گابي لاءِ | پندرنهن رپيا |
| هر پاڏي، گڏهہ، مرون، دنبي، رڍ، گهٽي، ٻڪري يا ڦر لاءِ | ڏهہ رپيا.". |

1927 جي ايڪٽ XVI ۾ دفعہ 79_A جو اضافو
Addition of section 79_A to

5.جاڙايل ايڪٽ ۾ دفعہ 79 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي، يعني:

| | |
|---|---|
| Act XVI of 1927 | |
| پوليس جي مدد جي درخواست<br>Requisition of police assistance | “79_A. جيڪڏهن ڪو فاريسٽ آفيسر جيڪو هن ايڪٽ تحت قدم کڻڻ لاءِ بااختيار هجي اهو ان سلسلي ۾ پنهنجا اختيار استعمال ڪندي پوليس جي مدد طلب ڪري ته اهو ان سلسلي ۾ پوليس اسٽيشن جي آفيسر انچارج کي درخواست موڪليندو، جيڪو اهڙي درخواست تي گهربل مدد فراهم ڪندو.”.<br><br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |